***AL-AASAR Journal***
**Quarterly *Research Journal***
*www. al-aasar.com/*

***Vol. 2, No. 1 (2025)***

**Online ISSN: 3006-693X**
**Print ISSN: 3006-6921**

# شاھ جي رسالي ۾ سينگار شاعريءَ جا نمونا : اڀياس
# The Study Of Adorn/Seengar Type Poetry In Shah Jo Risalo

**ڊاڪٽر الھوسايو سومرو**
**ڊاڪٽررقيه عامر سومرو**

***Abstract:***

*Shah Abdul Latif Bhitai is a well Known and famous poet of Sindhi Language, his collection of poetry is called "Shah Jo Risalo", which contains on 30 chapters, and every chapter is sub divided in mini chapters known as Dastan. Every dastan has many verses and in its end Wae-ee or Wae-ees are given.*
*Every verse or Waa-ee of Shah Latif is filled with moral and spiritual meaning and it has its own diction and beauty. By following and adopting his teachings one can reach to his success ness and fulfil his mission.*
*There are some chapters which describes historical and romantic poetry. In these chapters and also in many other chapters Shah Latif has composed his adorn type poetry.*
*Adorn Poetry is the type of Folk Literature, and folk literature is the source of interest and keen of Sindhi common people or villagers. Adorn/ seengar poetry is one of them which is read, sung or learnt and heard with a great keen and interest. It has a great melody and presents a huge of vocabulary.*
*In this paper adorn/ seengar type poetry of Shah Abdul Abdul Latif is discussed and described.*

شاھ عبداللطيف ڀٽائي سنڌي ٻوليءَ جو سرتاج شاعر آهي. سندس شاعري روحاني رمزن، قدرتي نظارن، تاريخي ۽ نيم تاريخي واقعن، رومانوي داستانن، پاڻ سڃاڻڻ، محنت ۽ همٿ سان اڳتي وڌڻ جهڙن ٻين ڪيترن ئي لازوال موضوعن سان مالا مال آهي. سندس شاعريءَ ۾ ايڏي ته وُسعت ۽ افاديت آهي جو هر دؤر ۾ ۽ هر معنى مطلب ۾ روحاني توڙي ظاهري معنى جو پورائو ڪري ٿي.
شاھ صاحب جتي تتي ڏاڍي ڪم ڪرڻ جي صلاح ڏئي ٿو، اُتي پنهنجي محبوب جي حُسن ۽ سونهن جو به ذڪر ڪري ٿو. ڪو به شاعر پنهنجي محبوب جي حُسن ۽ اخلاق جي واکاڻ ڪرڻ کان رهي نه ٿو سگهي، جنهن لاءِ هو تشبيهن ۽ استعارن کان ڪم وٺي پنهنجي دل جي دلڪش جذبن جو ۽ احساسن جو تخيل جي وڏي بلندي سان اظهار ڪري ٿو، سندس اهو اظهار شاعري جي صنف "سينگار" سان واسطو رکي ٿي.
"سينگار" لوڪ ادب جي اهم صنفن ۾ شمار ٿئي ٿو، جنهن ۾ شاعر ۽ سُگهڙ پنهنجي محبوب جي حُسن و جمال جو باڪمال ۽ بي مثال نموني سان پيش ڪري ٿو. هن صنف سان ڪنهن به سُگهڙ يا شاعر جي ذهني ذوق جي چڱي طرح پتو پئجي سگهي ٿو. اهي اهڙي نموني محبوب جو هُليو، چال، ڪردار ۽ گفتو بيان ٿا ڪن، جڻ ته سندن محبوب جي هُوبهو تصوير ذهن تي چٽجي ٿي اچي.
هر دؤر جو سُگهڙ ۽ شاعر پنهنجي پنهنجي دؤر ۽ ماحول مان خوبصورت تشبيهون ورتيون آهن.
"عشقيه شاعري محض حُسن جي تعريف تائين محدود آهي، ان ڪري شاعرن به محبوب جي رنگ رُوپ، جوڙجنس، شڪل شباهت، قدقامت، هاٿي ڪاٺي، رفتار گُفتار کي ڏسي، پنهنجي بيتن ۾ به اُهي ئي تشبيهون ڏنيون."(1)
سينگار کي ٻن قسمن ۾ ورهايو ويو آهي.
1 حقيقي يا فطري سورهن سينگار. 2 مجازي يا مصنوعي سورهن سينگار

1. حقيقي يا فطري سورهن سينگار :
هي اُهي سورهن وصفون آهن،جيڪي قدرت طرفان عطا ٿيل هونديون آهن.
ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو پنهنجي پي ايچ_ڊي ٿيسز ۾ وزير بيگم ضياء کان هيٺيان سينگار نقل ڪيا آهن:
چار شيون ڊگهيون ٿينديون آهن : 1 وارَ _ 2 آڱريون _ 3 اکيون _ 4 ڳچي.
چار شيون ننڍيون ٿينديون آهن : 1 ڏند _ 2 پستان _ 3 _ (هلال نما) پيشاني _ 4 دُن
چار شيون پريل (نرم) ٿينديون آهن : 1 رُخسار _ 2 ٻُنڊڻ _ 3 ڪرائي _ 4 رانون
چار شيون سنهيون ٿينديون آهن: 1 نَڪ _ 2 ڪَمر _ 3 پيٽ _ 4 لَب (2)

*AL-AASAR Journal*
**Quarterly *Research Journal***
*www. al-aasar.com/*

***Vol. 2, No. 1 (2025)***

**Online ISSN: 3006-693X**
**Print ISSN: 3006-6921**

هر شاعر پنهنجي دؤر جي ماحول مان پنهنجي محبوب جي فطري حُسن جي تشبيهه ڪنئي آهي، جنهن سان سندس محبوب جي حُسن جي رتبي ۾ اضافو ٿئي. گُل ڦل،باغ، پکي، جانور، پکين جون ٻوليون،پکين ۽ جانورن جا عضوا ۽ چال وغيره سان تشبيهه ڏئي پنهنجي محبوب جي سينگار کي خُوب ڳايو ۽ ساراهيو ويو آهي.

2 سورهن مجازي يا مصنوعي سينگار :

مجازي سينگار يا مصنوعي سينگار پنهنجا ٺاهيل هوندا آهن، جيڪي سون تي سهاڳي جو ڪم ڪندا آهن. جهڙوڪ ؛ جسماني ٺاهه ٺوهه، چنڊ ڦوڪ، خوش لباس،تيل ڦليل، سينڌ سُرمو وغيره . ظاهري هار سينگار جو تعداد شاعرنۜ سُگهڙن سورهن مقرر ڪيو آهي.

ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو ان جي وضاحت هن طرح ڪئي آهي :

” 1 بدن صاف ڪرڻ. 2 وهنجڻ. 3 صاف پوشاڪ پهرڻ. 4 ڪجل لڳائڻ. 5 لاک جي رنگ سان پير ڳاڙها ڪرڻ. 6 وار سنوارڻ. 7 سينڌپرڻ. 8 نِرڙ تي تِلڪ ڪڍڻ. 9 ڪاڌيءَ تي تِل ڪڍڻ. 10 ميندي لڳائڻ . 11 بدن کي خوشبوءِ لڳائڻ. 12 زيور پائڻ. 13 ڳلن جو هارُ وارنِ جي چوٽي ۾ ويڙهڻ. 14 پانُ کائڻ. 15 ڏندن کي مسِي هڻڻ. 16 لبن کي لال ڪرڻ.“(3)

انهن مان گهڻا سينگار تندرستيءَ جي خيال سان ڪيا وڃن ٿا، جهڙوڪ: بدن صاف ڪرڻ، وهنجڻ يا صاف پوشاڪ پهرڻ وغيره ۽ ڪجھ سينگار وري ظاهري عيبن کي ڍڪَ لاءِ استعمال ٿين ٿا. جهڙوڪ : ڏندن کي مِسِي ڪرڻ سان ڇڊن ڏندن جو عيب ڍڪجي ٿو ۽ ميندي لڳائڻ سان هٿن ۽ پيرن جا گُهنج ڍڪجن ٿا. بدن کي خوشبوءِ لڳائڻ سان به جسم جي پگهر پسيني جي بوءِ ختم ٿئي ٿي.

شاعرن سينگار سان گڏ ٻارهن ڳهڻن جو به ذڪر ڪيو آهي، جنهن سان سينگار مڪمل ٿئي ٿو:ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي مطابق اُهي ٻارهن ڳهڻا يا زيور هن طرح آهن:

” پيرن جون پَٽيون. 2 ڇيلهڪي. 3 چوڙيون. 4 مُنڊيون. 5 ڪنگڻ . 6 ٻازوبند. 7 هار.     8 ڪنمال . 9 بينسر. 10 ڳن (ڪن جو زيور). 11 ٽِڪو يا ٽڪڙو. 12 چوٽي تي ڦُل.“(4)

هر شاعر پنهنجي مرضيءَ مطابق سينگار جا بيت چيا آهن ۽ اِهو شاعرن لاءِ لازمي نه هوندو آهي ته اُهي پنهنجي شاعريءَ اندر انهن سورهن فطري ۽ مجازي سپني سينگارن جو ذڪر ڪن. هر ڪنهن شاعر پنهنجي مشاهدي ۽ ذهني ڪيفيت جو اظهار سهڻي نموني پيش ڪيو آهي، پر سندن اِهو اظهار مصريءَ کان وڌيڪ مِٺو محسوس ٿيندو آهي. محبوب جي حُسن جي ساراهه تمام سُهڻي ۽ صاف سٿرن لفظن سان ڪئي اٿن، جيڪي شهڪار بڻجي پيا آهن  ۽ پنهنجن انهن  عُمدن خيالن جي اظهار ذريعي اَمُر بڻجي پيا آهن.

سُهڻيون تشبيهون ۽ استعارا سينگار جا اهم جُز آهن ۽ انهن منجھ لفظن جو فني سٽاءُ تمام بهترين نموني پيش ڪيو ويندو آهي، جنهن سان محبوب جي سونهن ۽ حُسن جو تجلو محسوس ٿيندو آهي. الله بخش نظاماڻي لکي ٿو ته: ”سينگار جي بيتن ۾ دراصل مداح ۽ تعريف سمايل آهي. اهي بيت يا ڏوهيڙا هندي ‘دوهن’ جي تتبعي تي آهن، جي گهڻي وقت کان هندي سُگهڙن کان رڙهي سنڌ ۾ آيا ۽ سينگار جو فن مروج ٿيو.“(5)

محبوب جي سونهن ۽ حُسن جي تعريف ڪرڻ انسان جي فطرت ۾ شامل آهي. هر ملڪ جي قوم جي، هر فرد کي ان جي اظهار جو پنهنجو پنهنجو نمونو يا طريقو هوندو آهي، پنهنجا پنهنجا لفظ ۽ خيال هوندا آهن پر سنڌي ٻوليءَ ۾ موجود سينگار جي بيتن جهڙو اظهار ۽ رواج ٻين ٻولين ۾ مشڪل سان ملندو.سنڌيءَ ۾ هن فن جي ڪاڻ سُگهڙ شاعرن وٽ آهي.

ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو، سينگار جي صنف جي آغاز جي باري ۾ هڪ هنڌ تحرير ڪيو آهي ته:” ڪلهوڙن جي دؤر کان ويندي 1910ع تائين سينگار جي بيتن جو رواج هو، ليڪن هينئر ڪو به اهڙو شاعر نه رهيو آهي، جو انهن جي جُتيءَ ۾ پير پائي سگهي. جيتوڻيڪ ڪيترن طبع آزمائي به ڪئي آهي. پر تڏهن به ٻانهي ۽ سائِڻ جو سَنڌو نظر ايندو.“(6)

شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه  به ڪلهوڙن جي دؤر جو وڏي ۾ وڏو شاعر ٿي گذريو آهي، سندس ئي دؤر ۾ جٽي ڪلاسيڪي شاعري پنهنجي عروج تي ڇانيل هئي اُتي هيءَ صنف سينگار به پنهنجي موج ۽ مَستي ۾ عروج تي رقص ڪري رهي هئي، اِنهيءَ عروج واري دؤر ۾ شاهه صاحب به متاثر ٿيا ۽ پنهنجي شاعرئ ۾ سينگار جا نمونا پيش ڪيا آهن، جيڪي سندس بيتن ۽ وائين جي صورت ۾ اڄ به موجود آهن.

شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ گهڻن هنڌن تي مختلف سُرن ۾ سينگار جا بيت ۽ وايون ملن ٿيون. جنهن ۾ هن پنهنجي محبوب جي فطري ۽ مجازي حُسن جي واکاڻ ڪئي آهي. سُر ڪلياڻ، سُر يمن ڪلياڻ، سُر کنڀات، سُر سريراڳ ، سُر سامونڊي، سُر سُهڻي، سُر معذوري ، سُر ديسي، سُر حُسيني، سُر ليلان چنيسر، سُر مومل راڻو، سُر مارئي، سُر

*AL-AASAR Journal*
**Quarterly *Research Journal***
*www. al-aasar.com/*
*Vol. 2, No. 1 (2025)*
Online ISSN: 3006-693X
Print ISSN: 3006-6921

ڪاموڏ، سُر سورٺ، سُر ڪيڏارو، سُر سارنگ، سُر ڪاهوڙي، سُر بروو سنڌي، سُر رامڪلي، سُر پورب، سُر آسا، سُر ڏهر ۽ سُر بلاول ۾ سينگار جي حوالي سان شاهه صاحب رحه جو ڪلام ملي ٿو. اِنهن سُرن مان شاهه صاحب جي سينگار جي موضوع سان ڪجهه بيت ۽ وايون نموني طور پيش ڪجن ٿيون.

سُر ڪلياڻ :

شاهه صاحب هن سُر ۾ پاڪ پيغمبر ﷺ جي شان ۾ ماڻڪ ۽ موتين جي تشبيهه ڏيندي هن طرح چون ٿا ته :

جوڙي جوڙ جهان جي، پاڻ ڪِيائين پروار،
حامي، هادي، هاشمي، سرداربن سردار،
سُونَهي صحابن سَتَ ۾، مَنجه مسجد مٹيادار،
چارئي چگا چوڌار، هُئا هيڪاندا حبيب سين.
(داستان پهريون.بيت نمبر 3،ص:66)

مطلب ته صحابن سڳورن جي اندر پاڻ ڪريم ﷺ جي ذات بابرڪات ماڻڪ ۽ موتي وانگر جَرڪندڙ ۽ چمڪندڙ هوندي هئي. ساڳئي سُر ۾ هڪ ٻئي هنڌ به پاڪ پيغمبر ﷺ جي شان ۾ هن طرح فرمائن ٿا ته :

آگـــي ڪيا اڳهين نِسورو نُــــــــور،
لَاخَوۡفٌ عَلَيۡهِمۡ وَلَا هُمۡ يَحۡزَنُوۡنُ، سچن ڪونهي سُور،
مــــــولي ڪِيـــو معمور، انگ اَزَل ۾ ان جو.
(داستان پهريون. بيت نمبر 9،ص:77)

مطلب ته پاڪ پيغمبر ﷺ جي ذات بابرڪات نُور ئي نُور آهي ۽ ان نُور هدايت جي روشنيءَ سان هِي دُنيا مُنور ٿي، جهالت ۽ گمراهي ختم ٿي وئي. شاهه صاحب هِن سُر ۾ عاشقن لاءِ سُوريءَ تي چڙهڻ کي سينگار ٿو ڪوٺي، چاڪاڻ ته اِهو عمل اصل ۾ حقيقي عاشقن جو سينگار آهي.

سُوري آ سينگار ، اڳهين عاشقن جو،
مُڙڻ، موٽڻ مِيهڻو، ٿيا نظاري نروار،
ڪُسَڻ جو قرار، اَصل عاشقن کي.
(داستان پيو. بيت نمبر5،ص: 71)

سُر يمن ڪلياڻ:

شاهه صاحب هِن سُر ۾ سينگار جي حوالي سان ڪجهه بيان ڪيو آهي، جنهن ۾ هِن هڪ وائيءَ اندر پنهنجي محبوب جي حُسن ۽ سونهن جي ڳالهه بيان ڪئي آهي، سندس محبوب جو حُسن ايترو ته دلڪش ۽ پُر زيب آهي جو مٿس ساهه صدقو ڪٽي ڪجي ۽ اُهو ڪم رڳو سچن عاشقن کي ئي پلئه پوندو آهي.

سُپيريان جـــي سُونهن جي، ڳال ڪِينَ وَجي،
وَجي دَر دوسن جي، سُوري سِرُ هَجي،
عاشق اَنگهن چڙهيا، ٻيو سَيڪو ڀَڃي،
پُڇج پوءِ پرينٽو، پهرين سِرُ سَڃي،
عاقل ئي اوچون ٿيا، پورو ڪين پَچي.
(داستان ستون. وائي، ص نمبر 123)

سُر ڪنيات :

هر مسلمان جي دلي آرزو هوندي آهي ته ڪيس حرمين شريفين جي زيارت جو شرف حاصل ٿئي ۽ اُنهيءَ اُڪير ۾ هو پنهنجا آسن پريا ورلاپ ڪندو آهي. شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه به ساڳئي اُڪير جو اظهار هن سُر ۾ ڪيو آهي.ڪيس

***AL-AASAR Journal***
**Quarterly *Research Journal***
***www. al-aasar.com/***

***Vol. 2, No. 1 (2025)***

**Online ISSN: 3006-693X**
**Print ISSN: 3006-6921**

پاڪ پيغمبر □ لاءِ محبت ۽ سندن روضي اقدس ۽ گُنبذِ خضرى جي زيارت جي تمنا هئي،جنهن جو هن پنهنجي ڪلام جي اندر اظهار ڪيو آهي.

شاهه صاحب ڪي مديني جي مير لاءِ نهايت الفت دامنگير هئي ۽ پاڻ سندن شخصي سونهن ۽ حُسن اخلاق جي ساراهه ڪئي آهي. شاهه صاحب پنهنجي ڪلام جي ذريعي هن حقيقت ڪي نروار ڪيو آهي ته پاڻ سگهورن □ جي ذات اقدس باعث تخليق ڪائنات آهي. چنڊَ جي سُونهن ۽ سوپيا سندس محبوب ڪريم □ آڏو ڪا به اهميت نه ٿي رکي، چاڪاڻ ته چنڊ صرف چانڊوڪيءَ جي چند راتين تي ناز ٿو ڪري ،پر اُهي چانڊوڪيون راتيون به ڪڪرن ۽ بادلن آڏو بيوس آهن پر مديني جا مير سراپا نور آهن ۽ سندن نُور جي برڪت سان هي دنيا منور ٿي پئي آهي ۽ اهو اعلى نور ڪڪرن ۽ بادلن کان بالا آهي.

پيشانِيَءَ ۾ پرينءَ جي، پلائيءَ جا پيرَ،
اگڻ اُڪَندِيُنِ جي، ڏي پابوهي پيرَ،
قَمَرَ پاڙي ڪيرَ، شَمس سُپرِيَنِ جي.
(داستان پهريون،بيت نمبر 02،ص:131)

شاهه صاحب چنڊ ڪي پنهنجي محبوب جي حُسن اڳيان ڪا به اهميت ڪونه ٿو ڏئي، پلي ڪٽي چنڊ پنهنجي سونهن ڪي وائکو ۽ نروار ڪرڻ لاءِ ڪيترائي سينگار ڪري هزارين حيلا ڪيا هجن، تڏهن به سندس اِهي حيلا وسيلا سندس سپرين جي هڪ لحظي جو به مَٽ نه ٿا ٿي سگهن.

چوڏهينَ چَنڊَ تون! اُپُرين، سَهسين ڪَرين سينگار،
پَلڪ پِريان جــــــي نهَ پَڙِين، جِي جِيلن ڪَرين هَزارَ،
جِهڙو تون سَـــپَ چِمارَ ،تِهڙو دَمُ دوســـتَ جــــو.
(داستان پهريون، بيت نمبر11،ص:133)

محبوب جو فطري حُسن سينگار ۾ شامل آهي، پر ان فطري حُسن ڪي جڏهن مجاز جي سينگار سان سنواريو وڃي ٿو ته پوءِ اهو مصنوعي سينگار سون تي سُهاڳي جو ڪم ڏئي ٿو. مختلف قسم جا عطر ۽ خوشبوءِ لڳائڻ به مصنوعي يا مجازي سينگار ۾ شامل آهن، شاهه صاحب هن جو ذڪر به تمام سهڻي نموني پنهنجي ڪلام ۾ بيان ٿو ڪري ته :

چَنڊَ ! چِٽائي تُنهنجي، سِياهيءَ ۾ سُورُ،
لايان لَالَ لِڱَنِ ڪي، چَندن پَري ٻُورُ
ڪُوماٽو ڪَپُورُ، مون واجهائيندي پِرين ڪي.
(داستان پهريون، بيت نمبر14،ص:134)

شاهه صاحب جو محبوب حُسن ۽ سونهن ۾ بي مثال آهي، سندس سونهن ۽ حُسن آڏو چنڊ به شرمائجي ٿو وڃي، سج به پنهنجا ڪرڻا پاسيرا ڪري ٿو وڃي، سندس محبوب جي حُسن ۽ سونهن آڏو اِهي سڀ جهڪي پون ٿا. شاهه صاحب فرمائي ٿو :

ڪَٽِي نيڻَ خُمار مان،جان ڪَيائون نازُ نَظَرُ،
سُورجَ شاخُون جَهڪيُون، ڪُومُاٽو قَمَرُ،
تارا ڪَتِيُون تائِبَ ٿِيا، ديکِيندي دِلبَرُ،
جَهڪو ٿِيو جَوهَرُ، جانِبَ جي جَمالَ سين.
(داستان پهريون، بيت نمبر 18، ص:135)

شاهه صاحب اُن سونهن ۽ حُسن جي سردار جي تجلي يا زيارت لاءِ آسوند آهي ۽ هُو اُن سهڻي هَستي ڏانهن سَفر جا سانباها ڪندي نظر ٿو اچي ، جٿي نه رڳو هُو پنهنجو پاڻ ڪي چنڊي ڦوڪي صاف سُٿرو لباس اوڍي ۽ خوشبوءِ عطر لڳائي پيش ٿو ڪري پر پنهنجي سواري اُٺ ڪي به هار سينگار ڪرائي ٿو، چا ڪاڻ ته ڪيس خبر آهي هُو حُسن ۽ سونهن جي واديءَ جو

Online ISSN: 3006-693X
Print ISSN: 3006-6921

پانڌيئڙو آهي، اُٿ ڪي نه رڳو گُلَ ڳانا ٿو پهرائي پر ڪيس خوشبوءِ پريو چارو به ڪارائي ٿو ته جيئن اُن اُٿ جي وات مان اُن واديءَ حُسن ۽ سونهن ۾خوشبوءِ جي واس نڪري. شاهه صاحب فرمائي ٿو ته :

گُل ڳانا يا ڦُوت جا، موتينِ ڳُتِيسِ مال،
ڪَڍيفي جي ڪِرَها ! هيڏِي پايَنءِ حالَ،
چَندَنُ چارِيَنءِ جالَ، جي مُون راتِ رَساٽيين.
(داستان پيو، بيت نمبر 20،ص: 143)

هِن سُر ۾ شاهه صاحب جا سينگار شاعريءَ جا پيا به گهڻائي بيت ملن ٿا ۽ واين ۾ به سينگار جو ذڪر ملي ٿو.

سُر سريراڳ :

شاهه صاحب هن سُر ۾ تاريخي احوالن، واقعن، وڻجارن جي جذبن ۽ امنگن جو ذڪر ڪيو آهي. هن سُر ۾ به شاهه صاحب جي سينگار شاعريءَ جا ڪجھ نمونا ملن ٿا.

قَرقُل، ڦوتا، پارچا، پاٽيَڪَ، پاتائون،
ڪونئِين ڦِيمَتَ سَنديُون، تَرَ ۾ تاڪِيائون،
لاڄِن مَنجھ، لطيفُ چي، بيڙا ٻَڌائون،
جي ڇُهي چوڙِيائون، سي بيڙيون رڱين ٻاجَھ سين.
(داستان پنجون، بيت نمبر،11،ص: 182)

سُر سامونڊي :

شاهه صاحب هن سُر ۾ وڻجارن ۽ سندن وَنين جو ذڪر ڪيو آهي ۽ هن سُر ۾ شاهه صاحب زال ذات جي جذبن، امنگن ۽ احساسن جي ترجماني ڪئي آهي. زال ذات ڪي سينگار سونهي. هن سُر ۾ سينگار جا ڪجھ نمونا ملن ٿا.

سَنهي لَڪِ، نَڪِ سَنئين ڪَجَلَ پِنَنِ نيڻَ،
ساموندِي ! مون سيڻَ، ڪِ تو ڪالھ لَنگهايا.
(داستان پهريون،بيت نمبر 36،ص:195)

سُر سُهڻي :

هن سُر ۾ شاهه صاحب رومانوي داستان سُهڻيءَ ۽ ميهار جو ذڪر ڪيو آهي. هن سُر ۾ شاهه جي شاعريءَ جو سينگار جو ڪلام ملي ٿو، اُنهن مان ڪجھ هتي نموني طور پيش ڪجي ٿو.

گهڙو ٻَکِو ته گهوريو، مَرُ چُورُ ٿِئي چُوڙو،
طالبُ اَلمَوْلى مُذَڪَّر، اِيُ ٻُڌَندِنِ ٻُوڙو،
ڪوڙهيو ڌَم ڪُوڙو، هُون ميهارُ مَنَ ۾.
(داستان پهريون،بيت نمبر 17،ص:221)

وري ٻئي بيت ۾ به هن طرح ذڪر ٿو ڪري ته :

گهڙو ٻَکِو ته گهوريو،مَرُ ٻيڙَ ٿِئي ٻاهِين،
طالبُ اَلمَوْلى مُذَڪَّر، اِيُ پَرِ اَسانهين،
پَوان مَ پاهِين، مُون ميهارُ مَنَ ۾.
(داستان پهريون، بيت نمبر،18،ص:221)

چُوڙو ۽ ٻاهين، ٻانهن جا زيور يا ڳهُ آهن ۽ اهي زيور يا ڳهه به سينگار ۾ شامل آهن. انسان جا پنهنجا جسماني ظاهري عضوا جڏهن حرڪت ۾ اچن ٿا ته اُهي به سونهن ۽ سينگار جو حصو بڻجي پون ٿا. جيئن چيچ ڪي ڏندن ۾ لڳائڻ، هٿن ۽ ٻانهن جو لهرائڻ به سينگار ۾ شامل آهي . شاهه صاحب هن جو ذڪر هن طرح ٿو ڪري ته :

ڳچيءَ پارو پانهنَ، ويڻي روءِ وچنِ سين،
لَايان لالَ لڱنِ کي، اَئين جي چَڙو ڪانهنَ،
آئون اوهان جي ڌانهنَ، سَدا پُٽان سَنَرِي.
(داستان چوٿون، بيت نمبر 14،ص:239)
”ساهڙ هُون سينگار، ماڙُهن ليکي ميهٽو.“
جهڙا بيت به هن سُر ۾ سينگار کي بيان ڪن ٿا.
سُر معذوري:

هن سُر ۾ شاهه صاحب سسئي پنهون جي رومانوي داستان جو ذڪر ڪري ٿو، جنهن ۾ سسئي کي جستجو کان ڪم وٺڻ جي هدايت ڪيل آهي، هن سُر ۾ سينگار جا ڪجهه بيت ملن ٿا. جهڙوڪ:

وَصْلُ تنهن وِڄائِيو، سِيندِ سُرمي سئين،
سا لُوٽِي لِيلَا جِيئن، مَٽيو جنهن مِٺُ ڪَيو.
(داستان پيو،بيت نمبر 6،ص:349)
مينديءَ مورَ مَليرَ جا، چانگن کي سپُ چارِيو،
مُنهنجَو لالن وارِيو.
(داستان پنجون. ص:358)
سُر ديسي :

هن سُر ۾ به سسئي پنهون جي رومانوي داستان جو ذڪر ملي ٿو، شاهه صاحب جي هن سُر مان سينگار جا ڪجهه نمونا هيٺ ڏجن ٿا.

لالَڻُ آيو پيهي، ويئڙا سُورَ سَپيئي،
کَٿُوري بارُ پَري، آيو ڏُنگرَ ڏيهي.
جِيسِ!جِيسِ!و !جيڏيُون!
(داستان پيو، وائي.ص:384)
ڪيچان آيو قافِلو ، پَليرو پانئيان،
پَٽِي جا پِيرنِ جي، لِڱنِ کي لايان،
چَنبيلِي چايان، جي مُون نِهو پاڻَ سين.
(داستان ٽيون. بيت نمبر،09،ص:386)
ساڳئي جڳهه تي وري سينگار جو هن طرح نمونو پيش ٿا ڪن:
ڪيچان آيو قافِلو ، جُنگُ سُنهاري جَوڙ،
ٽُليارا توڏَنِ کي، ڳِچيَ سُونهنِ موڙَ،
دؤلَتَ چانيان دوڙَ، جي مُون نِهو پاڻَ سين.
(داستان ٽيون،بيت نمبر 09،ص:386)
فطري سينگار جو نمونو شاهه صاحب هن طرح پيش ڪيو آهي ته:
اَسين پاڻَ پَرٿ، پورهيت پُنهونءَ چامَ جو
هوتُ کَٿُوريَ هيرَئون، مُون ۾ صابُڻَ چَٿَ،
آتَڻَ مَنجھ اگهٿَ، ڪانڌُ ڪِهين جِي مَ ڪَري.
(داستان چوٿون.بيت نمبر 15،ص:393)
سُر حُسيني :

هيءُ سُر به سسئي پنهون جي رومانوي داستان کي بيان ٿو ڪري، هن سُر ۾ سينگار جا هيٺيان نمونا ملن ٿا:

جي هوندَ ڏنائون، ووجيڏِيون! حال مُنهنجو هَھڙو جَهڙو،
هِينئڙو ڏَندڻ پاڙَ جِيئن، جيڪـــــي چِـــــڪي چِنائون،
هِينئڙو ڏاڙُهـــــونءَ گُلَ جيـــئن، ريـــــهي رَتائـون.

Online ISSN: 3006-693X
Print ISSN: 3006-6921

(داستان پهريون،وائي،ص:438)
هڪ ٻئي وائي ۾ به سينگار جو نمونو هن طرح ملي ٿو :
شادِيَءَ جو سينگارُ، آيَلِ! مَرَڪُ مُنهنجومُون پرين.
آهـــــي ڳُهُ ڳِـــــچيَ جو، ڏي هالورا هارُ،
حُسْنَ هوتَ پُنهوءَ جي، ڪَڪورِئو ڪوهِيارُ
چَـــپَرَ چاڻُـــــــــون مُڪِيـُون، عَطُرُ ٿِيو آواز.
(داستان پيو، وائي،ص 442_443)
سُر لِيلان چنيسر :
هِن سُر جو مضمون لِيلان چنيسرجي رومانوي داستان تي مَبني آهي. هن سُر ۾ شاه صاحب جي سينگار شاعريءَ جا نمونا هيٺيان ملن ٿا.

مَٽيون وِجهان مَچ ۾ ، هائيَءَ هَٽِي هارُ،
سوپِي! سُڪُ سيڌُ چِي، ڪَرِيين ڪوهُ قَرارُ،
راجا ريساٽو گهٽُون، سَٽاٽو سَردارُ،
چوڏسِ چنيسرَ چامَ جو، ڏيهان ڏيه ڏهڪارُ،
ٺاڪُرُ اڪِيينِ ٺارُ، مَٽيي تي ٿي مَٿيين.!
(داستان پهريون،بيت 3،ص:498)
اِهو هار ئي هو جنهن تي لِيلان موهجي پئي هئي ۽ هن هار تي ئي مُڙس جو سودو ڪيو هئائين.
مَٽيي تِي مُوهِجي ، هارِي، ڳِيَڙءِ هارُ،
ڪوڙِيين ڪِيا ڪيترا، اِنهين خَرَّ خُوارُ،
پِرِي وِيو پِتار، آيئي ڏنءُ ڏُهاڳُ جو.!
(داستان پهريون، بيت نمبر6،ص:499)

مَٽيو ۽ هار فطري سينگار جو حصو آهن ۽ انهن سينگارن ئي لِيلان کي هِرڪائي وڌو هو، جنهن ۾ هوءَ پُل ۾ اچي وَر جو سودو ڪيو هئائين. هن هار جي نسبت سان سينگار جا پيا به گهڻائي بيت هن سُر ۾ ملن ٿا.
هڪ ٻئي هنڌ شاه صاحب مصنوعي سينگار جي باري ۾ هن طرح ٿو بيان ڪري ته :
سونا ڪُرَّ، ڪَنَنِ ۾، ڳِچِيءَ ڳاڙها هارَ،
ٻانهوٽا ٻانُهنِ ۾، نه سينڌَ سٿيا وارَ،
تيلانهن پِي پَچار، ڪانڌَ مُنهنجي چَڏِيِي.
(داستان پهريون،بيت نمبر10،ص:500)
ساڳِئي سُر ۾ شاه صاحب مصنوعي سينگار سينڌ سُرمي جو اظهار به هڪ ٻئي هنڌ هن طرح ٿو بيان ڪري ته:
نَه ڪين ٻانهڙِين ۾، نه ڪين ڳِر هَئِوم،
نَه هُون سينڌ نَه سُرمو، نه سينگار ڪيوم،
تيلانهن ڪَانڌ سندوم، رُکوئي رَءِ ڳِڙي.
(داستان پهريون، بيت نمبر 10،ص:500)

شاه صاحب جٿي مصنوعي حُسن ۽ سينگار جو بيان ڪيو آهي، اُتي انساني اخلاقي حُسن جو ذڪر به گڏوگڏ ڪري ٿو ۽ سمجهائي ٿو ته جٿي مصنوعي يا مجازي سينگار ڪم ڪَري نه سَگهي، اڳئين کي موهي نه سگهي اُتي انساني اخلاقي حُسن موهت جو ڪم ڏئي ٿو. اهو انساني ۽ اخلاقي حُسن آهي، نياز ۽ نوڙت جي سينگار سان هر انسان کي موهي سگهجي ٿو، شاه صاحب فرمائي ٿو ته :
سَپِيئِي سُهاڳِٽيوُن، سَپِنِي ڳِچِيءَ هارَ،

**_AL-AASAR Journal_**
**Quarterly _Research Journal_**
_www. al-aasar.com/_

**_Vol. 2, No. 1 (2025)_**

**Online ISSN: 3006-693X**
**Print ISSN: 3006-6921**

پَسڻ ڪارڻ پرينءَ جَي سَهسَين ڪَن سينگارَ،
ڏِول تَنين جِي ڏارَ، هيٺاهيُون هَلنِ جِي.
(داستان ٽيون،بيت نمبر 03،ص؛507)

اهڙي طرح ٻين بيتن ۾ به ساڳئي قسم جو مضمون ملي ٿو، جهڙوڪ :
سَپِيئي سُهاڳِڻيُون، سَپِني ڳِچِيءَ هَسَ،
پَسڻ ڪارڻ پرينءَ جَي، وَڏا ڪِيائون وَسَ،
ڏِول تَنين جي گس، هيٺاهيُون هَلنِ جِي.
(داستان ٽيون،بيت نمبر04،ص:508)
سُر مومل راڻو :
هن سُر ۾ مومل راڻي جو رومانوي داستان جو موضوع ملي ٿو، هن سُر ۾ به شاھ صاحب جي سينگار بابت شاعريءَ جا گهڻائي نمونا ملن ٿا، جنهن مان ڪجھ هيٺ پيش ڪجن ٿا :

سِجُ سُپاڙِي جا ڪَرِي ، سامِيَ سائي رُوءِ،
اَچِي ٿِي عَطُر جِي، مَنجهان مُڱهڻ بُوءِ،
سا ڏِيڪارِيهُون جُوءِ، جِتان لَاهوتِي لالُ ٿِيو.
(داستان پهريون،بيت نمبر07، ص:518)

هر شاعر پنهنجي محبوب کي تمام سُهڻين تشبيهن سان پيٽا ڏيئي اعلى ۽ اُتم پيش ڪرڻ تو گهري، اهڙي طرح شاھ صاحب کي مُومل جي مجاز واري محبت جا عڪس سندس اکين ۾ الماس طور چمڪندي نظر اچن ٿا.
الماس تمام قيمتي هيرو ٿيندو آهي، پر هِتي الماس مان تلوار جو ڪم وٺي هر اچڻ وڃڻ واري کي گهايل ڪري ختم ڪيو ٿو وڃي، مطلب ته مُومل جي سهڻين اکين الماس جو ڪم پئي ڪيو.
مُومَل ڪي مَجَازَ جا ، اَکِين ۾ اَلِماسَ
نَه ڪا عامَ نه خاصَ، جي وَيا سِي وڍِيا.
(داستان پيو، بيت نمبر 04،ص:520)

فطرتي حُسن جو مثال لفظن ۾ بيان ڪري ڏيکارڻ انتهائي ڏکيو هوندو آهي، پر شاھ صاحب هن فن ۾ به اعلى مهارت ٿو رکي، جٿي هو پنهنجي روحاني يا باطني معنى کي پورو ٿو ڪري اُتي هو ظاهري معنى ۽ مفهوم کي تمام سهڻن تشبيهن ذريعي پيش ڪيو آهي، جهڙوڪ:
جَهڙا گُلَ گُلابَ جا، تَهڙا مَٽَنِ ويسَ،
چَوٽا تيلَ چَنبيلِيا ، ها ها ! هو ! هميشَ،
پَسيو سُونهنَ سيَّد چَي، نينهن اَچِن ٿا نيشَ،
لالَنَ جي لبيسَ، آتَڻِ اکر نه اُجَهي.
(داستان ٽيون، بيت نمبر01،ص:524)

لباس ۽ ڪپڙا مجازي حُسن کي عروج تي ٿا پهچائين ۽ عطر خوشبوءِ وغيره به شخصيت کي پُر ڪشش ٿا ڪن،مَٽي جي وارن کي خوشبودار تيل لڳائڻ به مجازي حُسن ۾ شامل ٿي وڃي ٿو. شاھ صاحب اهڙين مصنوعي ۽ مجازي سينگار جي باري ۾ پنهنجو ڪلام سهڻين تشبيهن ۽ استعارن سان پيش ٿو ڪري، پاڻ هن طرح ٿا اظهار ڪن ته :
جِهڙا پائنِ پَنَ، تهڙيُون سالُون مَٽِائيُون،
عَطُر ۽ عَنبيَر سين، تازا ڪِيائُون تَنَ،
مَڙهيا گهڻو مُسڪَ سين، چوٽا ساڻُ چَنڊَنَ،

سُونَهنَ رُپِي سون سِين، سَندا ڪـــــامَڻ ڪَنَّ،
ڪِـــــيائين لالُ لَطيفُ چِي، وَڏا ويسَ وَرنَّ،
مَنجِهه مَرِڪيُس مَـــــنَّ، سوڍِي سين سَگُ ٿِيو.
(داستان ٿيون، بيت نمبر02،ص:524)

هڪ ٻئي بيت ۾ به شاهه صاحب تمام سهڻي نموني سينگار جو ڪلام پيش ٿا ڪن ته :

سونَ ورِنيون سوڍِيُون ، رُپِي راندِيُون ڪَنِ،
اگر اوطاقن ۾، ڪَٿُورِيُون ڪَٿُنِ،
اوتيائون عَبِير جا ، مَٿي طاقَ تَڙَنِ،
ٻاڻَنِ ٻيلون ٻَڌِيُون، پَسيو سُونهن سَڙَنِ،
ٿيا لَاهوُتِي لَطيفُ چِي، پَسَڻَ لئي پِرِينِ،
اِجهي ٿا اَچَنِ، ڪاڪِـ ڪَڪورِئا ڪـــــاپڙِي.
(داستان ٿيون، بيت نمبر03،ص:525)

سُر مارئي :

هن سُر ۾ عمر مارئي جي قصي جو مضمون ملي ٿو. هِن سُر ۾ شاهه صاحب به سينگار جو ڪلام پيش ڪيو آهي، جنهن ۾ شاهاڻي محل ۽ ٻهراڙي بلڪه ٿر جي سينگار ڪي به سهڻي نموني پيش ڪيو اٿس.

ٿَرِ ٿَرِ اندرِ ٿاڪَ ، عُمرَ ! مارُوئَڙَنِ جا،
لاٿائُون لَطَيفُ چِي، مٿان لوئِي لَاڪ،
عُمرَ! ڪَرِيو آڪ، پَهريو ٿِي پَنَ چَران.
(داستان ڀيو، بيت نمبر 07،ص:563)

لوئي ۽ لاڪ جو ذڪر، شاهه صاحب ٻين بيتن ۾ به ڪيو آهي،ٿر جا لباس ۽ ڪپڙا به هن موضوع ۾ اچي وڃن ٿا، جهڙوڪ: ڪنجري، ڪَتي، لوئي وغيره. ڪَنجُري جسم جي مٿئين ڌڙ جو لباس آهي، جنهن ڪي چولي يا گج چئي سگهجي ٿو، شاهه صاحب هن طرح بيان ٿو ڪري ته :

سَهَسين سبيا ڪَنجُري، لوئِي لِيڙَ ٿيام،
اَباڻَنِ جي آسِرِي، ڪَتِي ڪانَ ڪِيام،
جا ڏِٺَ ڏِڪيام، تِنهن جو پَرِورَ پَنُ رَهائيين.
(داستان ڀيو، بيت نمبر 09،ص:564)

جٿي لوئيءَ ۽ ليڙَ جو ذڪر ملي ٿو اُتي ڪَٿِيء جو به بيان پڙهڻ ۾ ملي ٿو. ڪَٿِيءَ هڪ قسم جي چادر ٿيندي آهي، جيڪا اُن مان ٺاهي ويندي آهي ۽ ڪٿي يا لوئي ڪي، شاهه صاحب عزت ۽ مان جي نشاني طور ڄاڻايو آهي:

سِبي سيبا ڏي، پورِي نينهن نهَ ڪَچوئي،
ڪَٿي وَٽِيُون ڪُٿِيُون، سَتِي سِٽي سي،
مَڃُڻِ ڇُونِم ڪي، لَڄائِيءِ ٿَرَ ڄائِيُون .!
(داستان ڀيو، بيت نمبر12،ص:564)

ريشمي يا سوٽي ڪپڙو عموماً استعمال ٿيندو آهي، ريشمي ڪپڙي ڪي زياده چَمڪ ۽ لچڪ هوندي آهي ۽ زياده تر امير يا خوشحال گهراڻي جون عورتون استعمال ڪنديون آهن، پر مارئي وٽ اهڙي قسم مان ٺهيل لباس مٿان سندس اباڻي اُن مان ٺهيل ڪپڙي ڪي وڏيڪ اهميت حاصل آهي.

Vol. 2, No. 1 (2025)
Online ISSN: 3006-693X
Print ISSN: 3006-6921

پَنولا پَهُنوارِيُون، مُورِ نَه مَٽي ڪَنِ،
جُهِ لاڪ رتائُون لوئِيُون، ته سالُنئان سونَهن،
اُنَّ ايلاچَنئُون اَڳِرِي، بَخَمَلَ بافِتَنِ،
سَڪَرَ پائِنان، سومِرا ! ڪَتِي ڪان کُهنبنِ،
جا ذِنِيَم ذاڏاٽَنِ ، سا لاهِيندي لَڄَ مَران.
(داستان ٿيون،بيت نمبر01،ص:565)

خوشي جي موقعن تي پر گهٽو ڪري شاديءَ وقت گهوٽ ۽ ڪنوار ڪي ڳانا يا سڳا پارايا ويندا آهن، اِهي به مجازي سينگار ۾ اچي وڃن ٿا، مارئي وٽ اِنهن سڳن جي اهميت (جيڪي سُٽ مان ٺاهيا ويندا آهن)، سون جيتري آهي، جهڙوڪ:

مُون ماروءَ سين لَڌيُون، لوئيءَ ۾ لاٿُون،
سونَ برابر سَڳِڙا، مُون ڪِي پانهُنِ پَڏاٿُون،
عُمرَ جو آئون، پَٽُ ڪيئن پَرَهيان سومرا.
(داستان ٿيون، بيت نمبر 06،ص: 566)

شاه صاحب ”سون برابر سڳڙا“ جو ذڪر گهڻن ئي بيتن ۾ ڪيو آهي. امير ماڻهن جي رهائش محلاتن ۾ هوندي آهي، جڏهن ته مسڪين ماڻهن جي رهائش ڪچن ۽ ڪکاون گهرن ۾ هوندي آهي. اِهي مسڪن به سينگار طور شاه صاحب پنهنجي شاعريءَ ۾ پيش ڪيا آهن، جهڙوڪ:

اِيُ نه مارنِ ريتِ جيئن سِيڻَ مٽائين سونَ تِي،
اَڇي عُمرَ ڪوٽَ ۾، ڪنديسَ ڪانَ کُرتِ،
پَکَنِ جـــــي پِريتِ، ماڙيءَ سين نه مَٽِيان.
(داستان ٿيون، بيت نمبر11،ص:567)

”آئون ڪيئن سَوڙين سمهان“ جا بيت به ملن ٿا، جنهن ۾ شاه صاحب سُمهڻ لاءِ استعمال ٿيندڙ شاهاڻي بسترن جو ذڪر ڪيو آهي پر مارئي وٽ انهن جي آباڻي ڪکاوين بستري آڏو ڪا به اهميت ڪو نه آهي، سندس ماروئڙن جو پائڻ ۽ هنڍائڻ انتهائي سادو آهي:

پَرُ سِي وَطنِ ڇائِيون، صَحرا سَٿُر جَن،
ڳولاڙا ۽ ڳـــــرِيُون، اوچَــــنُ اَباڻِنِ،
ويڙهيا گُهمَنِ ولِيين، جِهانگهي مَنجهه جَهنگَن،
مون ڪِي ماروئڙنِ، سُڦَ ڳِٽائي سيـجَ ۾.
(داستان ٿيون،بيت نمبر15،ص:568)

سُر ڪاموڏ :

هن سُر ۾ شاه صاحب نوري ۽ ڄام تماچي جي رومانوي داستان جو ذڪر ڪيو آهي. هن سُر ۾ شاه صاحب جي سينگار جي شاعريءَ جا ڪجهه نمونا ملن ٿا، جنهن مان ڪي هيٺ ڏجن ٿا :

مُهاٽيَ جِي مَنَ ۾ ، نه گِيـرَبُ نه گاءُ،
نيٺَنِ سين نازُ ڪَري، ريجهايائين راءُ،
سَمون سَيَنِ مُلاءُ،هيريائِين حِرفَتَ سين.
(داستان پهريون، بيت نمبر20،ص:623)

**_AL-AASAR Journal_** **Vol. 2, No. 1 (2025)**
**Quarterly *Research Journal***
*www. al-aasar.com/*
**Online ISSN: 3006-693X**
**Print ISSN: 3006-6921**

انساني عضوا ۾ سندن حرفتي چال به سينگار جو ڪم ڪن، جئين نوريءَ جون ناز پريون اکيون سمي حاڪم چام تماچي کي مٽن موهت ڪري ڇڏيو هو ۽ هن حاڪم بادشاهي واري رعب ۽ دٻدٻي هوندي به مُهاڻيءَ سان نينهن لائي ويٺو.

فطري حُسن جو اظهار جيڪو انساني عضون جي صورت ۾ نوريءَ کي نوازيل هو، تنهن جو شاه صاحب سهڻي نموني اظهار ڪيو آهي ته نوريءَ، مُنهن مُهانڊي توڙي ڪردار ۾ پنهنجو مَٽ پاڻ هئي ۽ هن اعلى اوصاف رکندڙ شخصيت جي پرک چام تماچي کي ئي پئجي سگهي ، جنهن کيس شاهي محل ۾ پَٽ راڻي بڻائي رکيو هو.

هَٿين پيرين، آرَڪَين، مُنهن نه مُهاڻي،
جِئين سڳو وِچ سُرُندَڙي، تيئن راڻين ۾ راڻِي،
اَصلِ هُئي اُن ڪــــــي ، اَهَـــــلَ چامـــــــاڻِي،
سَمي سُڃاڻِي، پِـــــــيڙو پـــــڌس پانـــــــهن ۾.
(داستان پهريون،بيت نمبر 23،ص:624)

ڌِهڙو ڪينجهَر ۾ ڪِينَ پيو، ڇهڙِي سونهن سَندياس،
مَڏ مِياڻِيُون، مَـــــڪُڙا، مِڙَئِي مَعافُ ٿِياسِ،
مُــــــــورڇَلَ مَڻاسِ، اُيو تَماچِي تي هَٿَي.
(داستان پهريون،بيت نمبر 34،ص:624)

شاه صاحب هن سُر ۾ هڪ وائي اندر به سينگار جو ذڪر به سهڻي نموني پيش ٿو ڪري ته:

گندگيءَ گوشو ڪيو، عَطرَ اوتَ اوتائين،
ويهي ساٿِينِ وچِ ۾،
پَسو جو پيدا ٿِيو، جوهري ڄِڻائين،
موتِي مَڇي هَٿَ تي، ڪوڏِنِ جيئن ڪيڊائين،
ماڻِڪ مِياڻِنِ ۾، چِلُرَنِ جيئن چِٽيائين،
ڏِيئي سونُ سُوالَ ۾، رُپي راند ڪِيائين،
فيروزا فقيرَنِ تان، گهوري سَڀِ گهوريائين.
(داستان پهريون وائي،ص:625_626)

چام تماچيءَ جي حرمَ ۾ اڳ ۾ ئي راڻيون موجود هيون، جيڪي پنهنجي سونهن خاطر سورهن سورهن سينگار ڪرڻ ۾ پنهنجي وَسان گهٽ نه ڪنديون هُيون، پر انهن جو سينگار چام تماچي کي نوري جي پيٽ ۾ موهت نه ڪري سگهيو هو، شاه صاحب فرمائي ٿو ته :

سَميُون ڪَري سينگار،راءُ رِيجهائِڻَ آئيُون،
چام هَٿَ ۾ چارُ، ڇُلي ڄَبيرِنِ وِچَ ۾.
(داستان بيو،بيت نمبر06،ص:627)

سُر سورٺ :

هن سُر جو عنوان راءِ ڏياچ ۽ سندس راڻيءَ سورٺ جي قصي تي ٻَڌل آهي، هن سُر ۾ به سينگار جي شاعريءَ جا ڪجه نمونا ملن ٿا، اُنهن مان ڪي هيٺ ڏجن ٿا .

رِيءَ مصلِحَتَ مَگَّٽا، قَصَرِ ڪِينَ اَچَن،
نُورَ تَجَلَو نُورَ سين نَميو نيڻَ پَسَن،
خيمي ۾ ڪَنگهارَ جي، چانڊُوٽا چِمَڪَن،
لَڏائين، لَطيفُ ڪي، سَندا ڏاڻَ ڏِسين،
تيلانهن مُلڪ_ ڏَٺِينِ، مَڃِيو مَگَّٽهارَڪي.
(داستان چوٿون،بيت نمبر01،ص:653)

**AL-AASAR Journal**
**Quarterly *Research Journal***
*www. al-aasar.com/*

***Vol. 2, No. 1 (2025)***

**Online ISSN: 3006-693X**
**Print ISSN: 3006-6921**

تشبيهه ۽ استعاري نگاريءَ جي فن ۾ شاهه صاحب وڏي مهارت رکن ٿا، مٿئين بيت ۾ چانڊوڻا ٿا چمڪن يا نُور تجلو نور سين، سينگار جي سهڻي نموني کي پيش ٿا ڪن. جڏهن راءِ ڏياچ منگتي کي سِرُ ڏيئي سَرهو ٿيو ته سندس راڻيءَ سُورٺ سُميت شهر سَڄي ۾ روڄ راڙو پئجي ويو ۽ اهڙي ويل وَنيون پنهنجي وَرَ تان هارجي سينگارجي پنهنجي جان جي قرباني ڏيڻ کان ڪو نه ٿيون مُڙن. شاهه صاحب فرمائي ٿو ته :

گُل چنو گِرنار جو، پَٽَڻ ٿِيو پٿِين،
سَهَسين سورٺ جِهڙِيُون، اُپِيُون اوسارِين،
چوٽا چارڻ هَٿ ۾، سِرُ سينگارِيو ڏِين،
نارِيُون ناڏَ ڪَرين، راڄا تاتِ رَمَگِيو.
(داستان چوٿون،بيت نمبر12،ص:655)

سُر ڪيڏارو :

هن سُر جو موضوع ڪربلا جوپُرسوز ۽ درد ناڪ واقعو آهي، هن سُر ۾ به شاهه صاحب امامن سڳورن کي تمام سهڻين تشبيهن سان پيش ڪندي سينگار جا بيت چيا آهن.

ڏاڙهِي رَتَ رَتياسِ، ڏَندَ ته ڏاڙُهونءَگُلَ جيئنءَ،
چوڏهِين ماهَ چَندَ جيئنءَ، پِڙَ ۾ پاڳِڙِياسِ،
ميڙي ۾ مُحمّد جي، مَرُ مَرُڪي ماسِ،
تنهِن سورهيه کي شاباسِ، جو مَٿي پِرَ پُرزا ٿئي.
(داستان پنجون،بيت نمبر09،ص:674)

ڪربلا جي ميدان ۾ حضرت امام سڳورن جي سُونهاريءَ مبارڪ ته سندس مبارڪ خُون سان رڱجي ويئي هئي، اهڙي منظر کي به شاهه صاحب تمام سهڻي تشبيهه ڏيئي پيش ٿو ڪري، نه رڳو ايترو پر حضرت امام سڳورن جي شهادت جو تذڪرو تمام سهڻي تشبيهن سان پيش ٿو ڪري:

ڏاڙهِي رَتَ رَتياسِ ڏَندَ ته موتِن ڳُتِيا،
چوڏهين ماهَ چَندَ جيئنءَ، پِڙَ ۾ پيشانِياسِ
اَللهُ نُورُ السَّماواتِ ، جَلوو زَمينياسِ،
سِيْماهُمْ فِيْ وُجُوْهِهِمْ مُنهن ۾ مَٽِ ڳُتِياسِ،
ڪِرا ڪَربلا جا، مادَرِ ٿِي ميڙياسِ،
ڦَٽِنِ تان رَتَ ڦُڙا، عليَ ٿي اُگهياسِ
مِڙِئي مَعافُ ڪِياس، خالقَ بَدِلي خُون جِي.
(داستان پنجون،بيت نمبر 10،ص: 674)

سُر سارنگ :

هن سُر ۾ مندائتي مينهن جو ۽ ان جي وَسڻ جو کنوڻ ۽ گجگوڙ جو موضوع ملي ٿو. هن سُر ۾ به سينگار جي صنف سان ملندڙ شاهه صاحب جو ڪلام ملي ٿو:

اَڄُ پُڻ اُترَ پارَ ڏي، ڪَڪرَ ڪِيسَ،
وِڄون وَسَڻَ آئِيون، ڪَري لَعلُ لِبيسَ،

**AL-AASAR Journal**
**Quarterly *Research Journal***
*www. al-aasar.com/*
**Vol. 2, No. 1 (2025)**
**Online ISSN: 3006-693X**
**Print ISSN: 3006-6921**

پرين جي پَرديسَ، مون کي مينهن ميڙيا.
(داستان پهريون،بيت نمبر10،ص:685)

شاهه صاحب اکين مان ڳوڙهن وهڻ جي تشبيهه يا سندس سپرين جي سونهن جي تشبيهه ميگهه ملهار سان تمام سهڻي نموني پيش ٿا ڪن:
ڪَکَرَ مَنجهه ڪَپارَ، جُهڙُ نيڻُون نه لَهي،
جَهڙا مُنهنجا سُپرِين، تَهڙا ميگهه مَلارَ،
ڪَڻُ اَکِيُون ڪِلُ يَارَ! وَجَنِ سُورَ سَندا ڪِيو.
(داستان پهريون،بيت نمبر21،ص:688)

سارنگَ سائِي سٽَ، جِهڙي لالِي لاڪَ جي،
اِئين سي اُڀُن اَنگيا، جيئن سي جُنِيءَ چِٽَ،
بَرسيو پاسي پِٽَ، پَريائين ڪُن ڪِراڙَ ها،
(داستان پيو،بيت نمبر 01،ص:692)

شاهه صاحب، سهڻي نبي ڪريم ﷺ جي شان ۾ پنهنجي هڪ وائيءَ ۾ تمام سهڻين تشبيهن سان سينگار جا نمونا پيش ڪيا آهن :
اَکِيون ميگهه مَلارَ، صُورتَ تُنهنجي سِيُ جڳُ مـــوهيو،
سَجِدو فِيلَ فِي الحالُ ڪِيو ، پَسِي مُطَلب نُـــورُ نراڙ،
وَلَسوفَ يُـعْطِيْــڪَ رَبَّــڪَ، توسين قادِرَ ڪِيــا قَرارَ،
قَادِرَ پاڻَ قَسَمَ ڪِـــــيا، خاڪِ قَدمَنِ جا ڪَلتارَ.
(داستان ٽيون، وائي،ص:697)

سُر آسا :
هن سُر ۾ سچي صوفيءَ جي صفتن کي بيان ڪيو ويو آهي، انساني اک جو ذڪر ملي ٿو. انسان کي حرصَ ۽ حَوَس کان بچڻ جي تلقين جا موضوع شامل آهن. هن سُر ۾ به سينگار جا نمونا ملن ٿا .جهڙوڪ:
سُرمو سِياهيَ جو، رَنُنِ کي رهاءِ،
ڪانِي، ڪارائِيءَ جي مُڙُسُ تِي مَ ماءِ،
اَکين ۾ اِتِڪاءِ لالائي لالَن جِي،
يا
سُرمو سُرخِيَ جو جڏهن پاتو جِنِ،
تَڏهنِ ڏِنِي تَنِ، رونقَ ريتَي جَهڙِي.
يا

سُرمو سُفِيديَ جو جَڏهن پاتو جَنِ،
تَڏهن ڏِنِي تَنِ، اَڇائِي عالمَ جِي.
(داستان چوٿون،بيت نمبر 21،20، 22 ص:17،18)
سُر ڪاهوڙي :
هن سُر ۾ سيلاني فقيرن جي صفتن جو موضوع ملي ٿو. هن سُر ۾ به ڪي بيت سينگار جا ملن ٿا.
ڪارِي راتِ اَڇو ڏينهن، اِيءُ صِفتان نُورُ،
جِتي پِرين حُضورُ،تِتي رَنگُ نه رُوپُ ڪو.

**AL-AASAR Journal**
**Quarterly *Research Journal***
*www. al-aasar.com/*
**Vol. 2, No. 1 (2025)**
**Online ISSN: 3006-693X**
**Print ISSN: 3006-6921**

(داستان ٽيون،بيت نمبر 15،ص:757)

سُر بروو سنڌي :
هن سُر ۾ سچي عاشق جي نيازمندي جو موضوع ملي ٿو ۽ ان کان علاوه الله سان عشق ۽ محبت ڪرڻ جو رجحان ملي ٿو.
هن سُر ۾ به سينگار جي شاعريءَ جو حوالي سان ڪجھ بيت ملن ٿا، جهڙوڪ :

نيڻَ سَقيلا سُپرين، پَونرَ پرون پالا،
چِڪِيا قُتَ فِراقَ جا، اَندرَ ۾ آلا،
سويار ميڙيين پالا! جنهن جِي صُحبَتَ ڪاڻِ سِڪي هيُون.

(داستان پهريو،بي نمبر 09،ص: 768)

سُر رامڪلي :
هن سُر ۾ جوڳين جو ذڪر ملي ٿو ۽ هن کان علاوه فطرتي نظارن ۽ ڪجھ قصن ڪهاڻين جو به موضوع ملي ٿو. هن سُر ۾ به سينگار جي حوالي سان گھڻائي بيت ملن ٿا، جنهن مان ڪجھ هيٺِ ڏجن ٿا :

ڪَنَ ڪَٺَ ڪَاپَٺَ، ڪَاپڙي، ڪَنَ جي ڪَٺائين،
لاهُوتي لَطيفُ چي، ماڳُ نه مَٺائين،
جي خودِيَ کي کائيِن، هلو! تَڪِيا پَسُون تَنِ جا.

(داستان ٽيون،بيت نمبر 05،ص:791)

هن کان علاوه :
ڪَنَ ڪَٺَ ڪَاپَٺَ، ڪَاپڙي، ڪَنوٽِيا ڪَنَ ڪَٺَ،
يا
يا ڪَنَ_ ڪَٺَ، ڪاپَٺَ، ڪَاپڙي، لانگوٽِيا لالَ،
يا
ڪَنَ_ ڪَٺَ، ڪاپڙي ، ڪَنوَٽِيا، ڪَنَ ڏارَ،

ڪَنَ ڪَٺَ، ڪنوٽيا اِهي ڪَن جا ڳهِ آهن، جيڪي عموماً جوڳي پائيندا آهن.

سُر پورب :
هن سُر ۾ ڪانگل کي قاصد طور ڪم ڪرڻ جو موضوع ملي ٿو ۽ هن کان علاوه سامين ۽ جوڳين جو به ذڪر ملي ٿو. هن سُر ۾ به سينگار جا ڪي نمونا ملن ٿا:

ڪانگلَ قَربِيَنَ جا اَچِي وائِيَ وَٹُ،
تو ۾ بُوءِ بَهارَ جِي، مُشڪَ ڪَٿورِيَ مَٹُ،
اَچِي عَجِيبنِ جو ، اورانگهج اَگَٹُ،
تو کــي پَــسي تَنُ، سُورَنئان صافَ ٿئي.

(داستان پهريون،بيت نمبر 19،ص:841)

مُشڪ ۽ ڪٿوري خوشبوءِ ٿين ۽ اِهي خوشبو مجازي سينگار جو جُز آهن.

سُر ڌهر :
هن سُر ۾ مختلف موضوع ملن ٿا، جنهن ۾ ڪنڌيءَ جو ذڪر، رسول ڪريم کان سندس حامي ٿيڻ لاءِ التجا، سسئي جو پريشان حال، ۽ ٻيا موضوع شامل آهن. هن سُر ۾ به سينگار جا ڪِي نمونا ملن ٿا:

**Online ISSN: 3006-693X**
**Print ISSN: 3006-6921**

وَنءُ مَديني مَگَتا اَکِيون پَيرَ ڪَري،
جِتي ماٺڪي مُحمَّد ميرَ جي، جَهرڪيو جوتِ ڪَري،
پَسيو جوتِ جَمالَ جِي، جِتِ اُمتَنِ نيڻُ ٺري،
پرِيتَّون پيرُ پَري، ڪِج زيارَتَ ذوق سين.
(داستان پيو،بيت نمبر07،ص:873)

سُر بلاول :

هن سُر ۾ چام جکري جي سخاوت جو موضوع ملي ٿو ۽ ان کان علاوه ورو َء يا وڳند سان شاه صاحب بيتن ذريعي جيڪا خوش طبعي ڪندا هئا، سي به موضوع ۾ اچي وڃن ٿا. هن سُر ۾ به سينگار جي نسبت سان ڪي بيت مِلن ٿا:

وِڳندُ وَري آئيو، بَدُوسين بَدّبُوءِ،
خاوند! ڏِي خُوشبوءِ، ته سُرَهو ٿيان سُپرِين.

يا

وِڳندُ وَري آئيو، نِسورو ئِي نَرَڳُ،
گَندا گُلابِي ڪَري سيّدَ جو سَرَڳُ،
عَطرُ سين اورَڳُ، ته هُئين سَدا سُرهو.
(داستان چوٿون،بيت نمبر05 ۽ 10،ص:907)

شاه جي رسالي جي هر سُر اندر سينگار شاعريءَ سان لاڳاپيل گهڻو مواد ملي ٿو، جنهن مان شاه صاحب جي ذهني ذوق جي خبر پوي ٿي ۽ معلوم ٿو ٿئي ته شاه صاحب جي محفل ۾ سُگهڙن شاعرن شرڪت ڪئي هوندي يا وري پاڻ سُگهڙ شاعرن جي محفل ۾ شرڪت ڪئي هوندائين. سُگهڙن وٽ لوڪ ادب جي حوالي سان مختلف صنفن ۾ گهڻو مواد ملي ٿو، پر جيتري ڪشش ۽ لطافت سينگار کي حاصل آهي، اوتري ادب جي ٻي ڪنهن صنف کي حاصل نه آهي.

شاه صاحب جي ڏنل بيتن جي روشنيءَ مان اهو معلوم ٿو ٿئي ته شاه صاحب سينگار جي صنف جا تمام اعلى ۽ سُٺا سُگهڙ شاعر هئا.

**نتيجا:**

1. شاهه لطيف بنيادي طور تي ڪلاسيڪل شاعر آهي.
2. شاهه لطيف جي دور ۾ سنڌي لوڪ شاعري ”سينگار“ جي صنف، سُگهڙ شاعرن جي خاص سڃاڻپ هئي.
3. شاهه لطيف جي شاعري مڪمل طور تي سينگار جي صنف تي نه آهي، پر سندس ڪجھ شاعري ۾ سينگار جا نمونا ملن ٿا.
4. شاهه لطيف جا ڪجھ بيت ۽ وايون اهڙيون آهن جنهن ۾ ڪجھ سٽن اندر يا وري ڪي چرڻ يا پد ڪٿي ڪٿي سينگار جي جهلڪ ڏين ٿا.
5. شاهه لطيف جي سينگار جي شاعري اندر مصنوعي سينگار سان گڏ فطرتي سينگار جا به نمونا ملن ٿا.

6. سينگار شاعري ۾ سُگهڙ محبوب جا فطرتي يا مصنوعي سينگار بيان ڪندي تمام گهڻو موهجي پون ٿا ۽ ڪٿي ڪٿي ڪَچا به ٿي پون ٿا پر شاهه صاحب نهايت پاڪيزگي سان سينگار کي بيان ڪيو آهي.

حوالا

1 سنديلو، عبدالڪريم، ڊاڪٽر. *لوڪ ادب جو تحقيقي جائزو*. ڄامشورو : انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي. سنڌ يونيورسٽي. ڇاپو پهريون سال 1986ع.ص:135.
2 ساڳيو.ص:138
3 ساڳيو.ص:143

**Online ISSN: 3006-693X**
**Print ISSN: 3006-6921**

4 ساڳيو.ص:147
5 نظاماڻي،الله بخش. *سنڌي لوڪ ادب جي ارتقائي تاريخ*. ڄامشورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي، سنڌ يونيورسٽي.سال 1971ع،ص 46.
6 سنڌيلو، عبدالڪريم، ڊاڪٽر. *لوڪ ادب جو تحقيقي جائزو*. ڄامشورو : انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي. سنڌ يونيورسٽي. ڇاپو پهريون سال 1986ع.ص 157.
7.شاهواڻي، غلام محمد(مرتب). *شاهه جو رسالو*. ڪراچي : سنڌيڪا اڪيڊمي، سال 2012ع.

**نوٽ :** هن مقالي لاءِ غلام محمد شاهواڻي جي ترتيب ڏنل ”شاهه جو رسالو“ تان مدد ورتي وئي آهي.

❖